ڊاڪٽر نور افروز خواجه

# ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي

***Abstract***

**Life and work of Dr. Motilal Jotwani**

*Dr. Jotwani was creative writer and scholar who wrote novels, short stories, travelogues, essays and research papers on various literary aspects. Tasawuf and social problems are the common themes of his writings. I have carried out a research study on his works to find out literary significance of his writings. In this paper, I have discussed on the themes and art of his writings and have mentioned some valuable findings.*

**1857**ع کان برصغير ۾ آزاديءَ جي تحريڪ شروع ٿي هئي، جنهن جي ڪري سڄي ملڪ جي ماڻهن، ڌار ڌار پليٽ فارمن تان انگريزن کان آزادي وٺڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪري ڇڏي ۽ نيٺ 1947ع ۾ برصغير ڪي ٻن رياستن پاڪستان ۽ ڀارت جي نالي سان ورهايو ويو. ان ورهاست سبب سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ هندن ۽ مسلمانن جي پڻ ورهاست ٿي ويئي. سنڌ ۾ رهندڙ هندو اديب، عالم، ليکڪ، شاعر، نقاد ۽ عام ماڻهن جيڪي سنڌ ۾ ڄاوا، نپنا جن جي جنم ڀومي سنڌ هئي، اهي جڏهن پرديس ويا ته پنهنجي زمين ۽ پنهنجي وطن کي وساري نه سگهيا، جنهن جو اظهار ڊاڪٽر پريم پرڪاش هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

”سنڌ پاڪستان کي ملي، سنڌين کي سنڌ، پنهنجي زمين ۽ سڀ ڪجهه ڇڏڻو پيو هو. هندستان ۾ ڪٽو ڪٽو ٿي پکڙجي ويا. سنڌي قوم جي قليل قوليل سنسڪرتيءَ جي سرسبز وڻ کي پاڙن کان اکوڙيو ويو هو. وڻ جي ٽاريءَ ٽاريءَ، پَن پَن کي ڌار زمين ۽ ماحول ۾ پاڻ تي پاڙون پکڙڻ لاءِ بنا ڪنهن وقتائتي پاڻ ۽ سازگار حالتن ۾ ڇڏي ڏنو ويو.“ (پريم پرڪاش، ڊاڪٽر، 1993ع، مهاڳ)

سنڌ ۾ هندو علم ادب جي هر صنف تي ڪيترائي ڪتاب لکندا رهيا هئا، هنن جي ڀارت لڏي وڃڻ جي ڪري سنڌي ادب تمام گهڻو متاثر ٿيو. هڪ ته گهڻا هندو ليکڪ سنڌ مان هليا ويا، ٻيو ته پريسون ۽ اشاعتي ادارا بند ٿي ويا. انهيءَ ڪري وقتي طور تي ڪتاب لکجڻ ۽ ڇپجڻ به بند ٿي ويا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ، سنڌ ۾ ادبي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سرگرميون وري زور شور سان شروع ٿي ويون ۽ سنڌي عالمن، اديبن ۽ ليکڪن جا ڪتاب، مختلف رسالا ۽ مخزنون نئين سر ڇپجڻ لڳا. انهيءَ دور ۾ ڪيترائي سرڪاري ۽ پرائيويٽ ادارا قائم ٿي ويا. مثال طور: سنڌي ادبي بورڊ، سهڻي پريس، آر ايڇ احمد اينڊ برادرس، نيو فيلڊس پبليڪيشن، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي يونيورسٽي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي مختلف شعبن، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ پاڪستان انفارميشن ڊپارٽمينٽ، شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور وغيره. انهيءَ ڪان علاوه مختلف ادارن طرفان ڪيترائي ڪتاب، رسالا ۽ مخزن شايع ٿيندا رهيا آهن. انهن ۾ مهراڻ، نئين زندگي، روح رهاڻ، سهڻي، پيغام، سنڌي ادب، پرک، سوکڙي، ڪينجهر، ڪلاچي، پٿائي وغيره جن ۾ ڪيترن ئي اديبن ۽ دانشورن جا مضمون، تحقيقي مقالا، افسانا ۽ شاعري شايع ٿيندي رهي آهي.

اهڙيءَ طرح لڏپلاڻ ڪان پوءِ ڀارت ۾ بہ سنڌي اديبن، پنهنجيون ادبي سرگرميون جاري رکيون. هنن مختلف ڪئمپن ۾ ويهي بہ ناول، ڊراما، ڪهاڻيون، تحقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب، سفرناما، يادگيريون ۽ آتم ڪهاڻيون وغيره لکيون. ڪونج ۽ سپون جهڙا رسالا شروع ڪيا ويا، هنن رسالن ذريعي نون اديبن جي همت افزائي ٿي. هنن قاضي قادن، شاهه ڪريم، شاهه لطيف، سچل، ساميءَ جهڙن شاعرن جي ڪلام تي تحقيق ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌي ٻولي، لسانيات، سنڌي لغات ۽ لوڪ ادب، تخليق ۽ تنقيد وغيره تي پڻ تمام گهڻو ڪم ڪيو. انهن ۾ خاص طور تي پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي، هيرو ٺڪر، پوپٽي هيراننداڻي، سندري اتم چنداڻي، ڪلا پرڪاش، ڪرشنچندر، جهمٽمل ڀاوناڻي، پرسو گدواڻي، نارائڻ ڀارتي، ستيش روهڙا، ڊي ڪي منشاراماڻي، گوبند مالهي، موهن ڪلپنا، پروفيسر رام پنجواڻي ۽ ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي وغيره جهڙن عظيم عالمن ۽ اديبن پاڻ ڪي ميڃرايو آهي.

ڊاڪٽر جوتواڻي سنڌ ۽ هند جو هڪ مشهور ۽ ناليوارو محقق، اديب، تعليمدان، شاعر، نقاد، ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار جي حيثيت سان سڃاتو وڃي ٿو. هو 1936ع ۾ سکر ۾ پيدا ٿيو هو. شروعاتي تعليم هتان ئي حاصل ڪيائين.کيس لکڻ پڙهڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هو. جنهن جا ٻہ سبب هئا، هڪ تہ کيس گهر مان ئي ننڍپڻ کان پڙهڻ جو ماحول مليو هو. سندس پيءُ شري واڌو مل قيمتراءِ جوتواڻي(1914ع کان 1976ع) خاندان جو پهريون فرد هو جنهن ان دور ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪيو هو ۽ ان ڪي بہ پڙهائيءَ جو ايترو تہ شوق هوندو هو، جو هو سڄيون راتيون پڙهندو رهندو هو. انهيءَ بابت پاڻ پنهنجي ڪتاب ”آتم ڪٿا“ ۾ لکي ٿو تہ: ”منهنجي رت ۾ لکڻ پڙهڻ واري پيِن جي مَسَ آهي، منهنجو پتا سڄي رات صبح تائين پيو لکندو ۽ پڙهندو رهندو هو، تڏهن مون ڪي بہ لکڻ پڙهڻ جو شوق پيدا ٿيو.“ (جوتواڻي، ڊاڪٽر 1994ع، 17) ٻيو سبب اهو هو تہ سندس پيدائش، سندن ناناڻي گهر سکر ۾ ٿي ۽ سندس پرورش روهڙيءَ ۾ ٿي هئي. ان وقت سکر ۽ روهڙيءَ جا شهر تعليمي، معاشي ۽ سماجي لحاظ کان تمام گهڻا ترقي ڪيل ۽آباد هئا. علمي لحاظ کان سکر ۽ روهڙي علم جا مرڪز هئا. انهن وٽ بهترين هاءِ اسڪول هئا ۽ اتي بهترين استاد پڙهائيندا هئا، جتي لکڻ پڙهڻ سان گڏو گڏ علم ادب جي مختلف صنفن تي ڪيترائي ڪتاب يا مضمون وغيره لکڻ سيکاريا ويندا هئا. ان کان سواءِ هتي صوفي تصوف جي بابا نوراج جهڙا استاد ۽ بيدل ۽ بيڪس جهڙا عظيم شاعر پيدا ٿيا، جنهن جي اثر ڪري ڪيس تحقيق ۽ تخليق جو موقعو پڻ مليو. ان وقت روهڙي درياءُ جي ڪپ تي هئڻ ڪري وڻج واپار جو مرڪز بہ هو. معاشي لحاظ کان اتي جا ماڻهو سُکيا ستابا هئا. اتي جون بازارون خوبصورت ۽ سهڻيون هونديون هيون. انهن ۾ هر شئي صاف سٿري، مناسب قيمت تي ۽ معياري ملندي هئي. چوري چڪاري، ٺڳي، ملاوٽ، ڏوڪي بازي وغيره ڪانہ هوندي هئي. پاڻ لکي ٿو تہ، ”روهڙيءَ جي ان ڍڪ بازار جهڙي ڪا ٻي بازار مون گهڻو پوءِ 1988ع ۾ استنبول (ترڪيءَ) ۾ ڏٺي هئي.“ (جوتواڻي، ڊاڪٽر، 1994ع، 17) سماجي لحاظ کان اتي جا ماڻهو نهايت ئي ذهين ۽ نئين سوچ رکندڙ ۽ سٺي ماحول ۾ رهندڙ هئا. عورتن ۽مردن ڪي مڪمل آزادي هوندي هئي. اهڙي خوبصورت ماحول ۾ مائٽن جي تربيت جي ڪري سندس لکڻ پڙهڻ جو شوق گهڻو وڌي ويو هو ۽ انهيءَ ڪري هو هڪ وڏو اسڪالر، تصوف ۽ ويدانت جو ڄاڻو، شاهہ سچل ۽ ساميءَ جي ڪلام جو پارکو بڻجي ويو. جوتواڻي ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ ويو. جتي بہ ڪيس عبدالحسين شاهہ موسوي، عطا حسين شاهہ موسويءَ جهڙا علم دوست مليا، جن کي علم ادب سان گهڻو چاهہ هو، سندن صحبت جي اثر ۾ سندس شخصيت رنگ لاتو. ان کان پوءِ هن 1959ع ۾ پنجاب يونيورسٽيءَ مان صحافت ۽ ڊپلوما ڪئي ۽ دهلي يونيورسٽيءَ مان 1962ع ۾ انگريزي لٽريچر ۾ ايم اي ڪئي. ان کان علاوه هن شاهہ لطيف جي زندگي ۽ شاعريءَ تي Shah Latif His Life and Work

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي عنوان تي (Ph.D) جي ڊگري حاصل ڪئي.

ڊاڪٽر صاحب کي شاهه لطيف جي ڪلام سان خاص لڳاءُ هو. هن نه صرف شاهه تي پي ايڇ ڊي ڪئي پر جرمن اسڪالر ڊاڪٽر اينيميري شمل سان "تصوف ۽ شاهه لطيف"، جي حوالي سان ڪم ڪيو ۽ سائين جي ايم سيد سان، شاهه جي شاعريءَ جي مختلف پهلوئن ۽ تصوف جي نقطن تي بحث مباحثو به ڪندو رهيو هو، جنهن جو ذڪر ڊاڪٽر صاحب پنهنجن ڪتابن ۾ ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب هارورڊ سينٽر فار دي اسٽڊي آف ورلڊ رليجنز يو ايس اي (U.S.A.) جو وزٽنگ پوسٽ ڊاڪٽريٽ فيلو به رهيو. هو جڏهن 2006ع ۾ سنڌ ۾ آيو ته هن شاهه لطيف ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري، "شاهه لطيف ۽ سنڌيت" جي عنوان سان مقالو به پڙهيو هو ۽ سنڌ ثقافت کاتي وارن سندس لکيل پي ايڇ ڊي جي ٿيسز Shah Latif His Life and Work کي سنڌ ۾ ٻيهر ڇپرايو. ان کان پوءِ پاڻ سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ پروفيسر محرم خان ليڪچر سيرز ۾، 2006ع ۾ "شاهه لطيف ۽ سنڌيت" جي موضوع تي بهترين ليڪچر ڏنائين ۽ ڪيترن اسڪالرن پاران شاهه لطيف جي شاعريءَ بابت سوالن جا جواب پڻ ڏنا هئا، جيڪي سنڌي شعبي، سنڌ يونيورسٽيءَ پاران نڪتل ڪتاب، "اڳهيا سُٽ سندا" ۾ شايع ٿيل آهن. ان کان سواءِ ڊاڪٽر صاحب شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي ڪلام ۾ تصوف ۽ ويدانت جي اهم نقطن تي ڪيترائي مقالا ۽ مضمون لکيا آهن ۽ ڪتاب ۾ شايع ڪرايا آهن. سندس انهن خدمتن جي عيوض ڪيس سنڌي ادب جو "اوشو" ۽ "سنڌي ساهت جي پل" پڻ سڏيو ويندو هو. ڊاڪٽر صاحب ديش ٻنڌو (ايوننگ) ڪاليج ۾ 1973ع کان 2001ع تائين "سنڌي ريڊر" جي پد تي رهيو. هو آئرس گلڊ آف انڊيا جي رسالي Indian Author جو ايڊيٽر به رهي چڪو آهي. هن کي سير و سفر جو تمام گهڻو شوق هوندو هو، انهيءَ ڪري پاڻ ڪيترن ئي ملڪن ۾ "هند ۽ سنڌ شناسيءَ" جي موضوع بابت ليڪچر به ڏيندو رهندو هو. سندس علمي ۽ ادبي مرتبي جي ڪري ڪيس سرڪاري سطح تي به وڏي مڃتا حاصل هئي. هو منسٽري آف هيومن رسورسز گورنمينٽ آف دهليءَ جي، "سنڌي صلاحڪار ڪاميٽي" جو 1996ع کان 1998ع تائين وائيس چيئرمين رهيو ۽ "پوئٽري سوسائٽي آف انڊيا" نيو دهليءَ جو لائيف ميمبر به هو. "سنڌي اڪيڊمي"، دهليءَ جو سيڪريٽري رهيو. هن ڇهماهي رسالو "سنڌو جوت" جاري ڪيو، جنهن جا ڪيترائي خاص نمبر پڻ ڪڍيائين. هن رسالي جي ڪري

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هن ڪيترن ئي نون ليکڪن کي متعارف ڪرايو ۽ انهن جي همت افزائي ڪئي. هُن اڪيڊمي پاران هن ڪيترائي ڪتاب به ڇپرايا، هن ڪجھ تاريخي ڪتاب به ڇپيا.

ڊاڪٽر جوتواڻيءَ جو سنڌي ادب ۾ هڪ ٻيو به اهم ڪارنامو ڊڪشنري آف سنڌي لٽريچر Dictionary of Sindhi Literature آهي، جيڪا هن 1996ع ۾ لکي جنهن ۾ هن هند ۽ سنڌ جي اديبن، عالمن، ڊراما نگارن، ناول نويسن، ڪهاڻيڪارن، شاعرن، نقادن ۽ ان کان علاوه مختلف ادارن جو ذڪر هڪ نئين طرز تي الف ب وار تيار ڪيو هو. تخليق جي باري ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:

”سرجڻ يا تخليق ڪرڻ ۾ هڪ عجيب سُک ملي ٿو، جيئن چون ٿا ته خالق هيءُ سنسار خلقيو، تيئن ليکڪ پڻ سنسار جوڙي ٿو. سُک رچڻ ۾ آهي. هڪ مان انيڪ ٿيڻ ۽ انيڪ مان موتي هڪ ٿيڻ ۾ آهي. سرجڻشيل ليکڪ جيون جي جدا جدا استين ۾ رهيو، انهن سان هڪ ٿئي ٿو... مون هندي ۾ ناول ترجمو ڪري سرجڻ جو سُک پاتو هو.“ (جوتواڻي، ڊاڪٽر، 1994ع، 130)

ڊاڪٽر جوتواڻي ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن:

1. اهي رشتا ناتا، ننڍو ناول جيڪو 1982ع ۾ شايع ٿيو.
2. ”پيلي بتيءَ“ تي، ناول جيڪو 1974ع ۾ شايع ٿيو.
3. ”آءٌ جو ئي آهيان سوئي آهيان“ آتم ڪٿائي ناول 1992ع ۾ شايع ٿيو.
4. ”ڪوٽ“ هن ڪتاب ۾ هڪ ننڍو ناول ۽ ست ڪهاڻيون شامل آهن، جيڪو 1985ع ۾ شايع ٿيو.
5. ”سڃاڻپ جو سنڪٽ“ هي ڪهاڻيون آهن جيڪي 1992ع ۾ شايع ٿيون.
6. ”پرمپراهيڻ“ ڪهاڻيون آهن جيڪي 1970ع ۾ شايع ٿيون.
7. ٽي ننڍا ناول جيڪي 1992ع ۾ شايع ٿيا، انهن ۾ اهي رشتا ناتا، ”پيلي بتيءَ“ ۽ ”ڪوٽ“ شامل آهن.
8. ”نئين سري کان“ ڪهاڻيون آهن جيڪي 1997ع ۾ شايع ٿيون.
9. ”ڪجھ آپ بيتي، ڪجھ جڳ بيتي“ ڪهاڻيون 2005ع ۾ شايع ٿيو.
10. ”خيال“ مضمون 1966ع ۾ شايع ٿيو.
11. ”النڪار ۽ چنڊ“ ،شاعريءَ جو مجموعو 1965ع ۾ شايع ٿيو.
12. ”آتم ڪٿا جي نالي ۾“ آتم ڪٿا 1994ع ۾ شايع ٿيو.

Sirai Abdul Latif Bhitai Chair

13. "ساهتيہ سنسار" مضمون 1996ع ۾ ڀاڱو پهريون ۽ 1998ع ۾ ڀاڱو ٻيو شايع ٿيو.
14. "سنڌيت" مضمونن جو مجموعو 2007ع ۾ شايع ٿيو.
15. "عناصر جي سازش" شاعريءَ جو مجموعو 1968ع ۾ شايع ٿيو.
16. "سپنن جي سڙڪن تي" شاعريءَ جو مجموعو 1982ع ۾ شايع ٿيو.
17. "پُرش ۽ پرڪرتي" ڪتاب.
18. "پاڻ ڪي ڏس وديھ ۾" ترائيل 2000ع ۾ شايع ٿيو.

ان کان علاوه سندس انگريزيءَ ۾ لکيل مشهور ڪتاب هي آهن:

1. Shah Karim a Mystical Poet of Sindh 1997
2. Shah Latif His Life and Work 1975-2006.
3. Sufi of Sindh 1986-1996
4. Ghandhiji and Sindhies
5. The Sindhies Through centuries 2006
6. Dictionary of Sindhi literature 1996
7. Moti Lal Jotwani some representative Text, 2008
8. Sindhi Literature and society 1979
9. Of grass and roots

ان کان علاوه سندس هنديءَ ۾ بہ ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن. ڊاڪٽر صاحب سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب ترتيب ڏنا آهن ۽ ڪيترائي ايڊٽ بہ ڪيا آهن، انهن مان چند ڪتاب هي آهن:

1. راڄڌانيءَ جا ساهتڪار 1957ع
2. سنڌي ڪوتا سنگره 1974ع
3. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، 1982ع
4. "سنڌ جي کوج" جيرامداس دولترام جا لکيل، 1993ع

1. Contemporary Indian Literature and society, 1979
2. Sindhi short stories 1985
3. Absolute values in peace, prosperity and politics 1985
4. Mass Media and National Development 1987
5. Tradition and modernity 1991
6. Indian Society in 21 century 1992
7. Education and culture in India Today 1994
8. An Indianist writings 1987
9. 10 Alien There is None 1989-1991

ڊاڪٽر صاحب 2006ع ۾ جڏهن سنڌ جي دوري تي آيو تڏهن واپس وڃي هن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌ جي انهيءَ سچي سفر تي هڪ سفرنامو تيار ڪيو. ان کان علاوه ”سنڌ جا صوفي“ عنوان تي ڪتاب به تيار ڪيو، جيڪو ڀارت سرڪار شايع ڪرايو.

ڊاڪٽر جوتواڻيءَ صاحب کي سندس هن علمي ادبي خدمتن جي مڃتا جي عيوض سرڪار طرفان ڪيترائي ايوارڊ پڻ مليا. ڀارت جي صدر عبدالڪلام 2003ع ۾ کيس ملڪ جو وڏو ادبي ايوارڊ، ”پرم شري“ ڏنو، جيڪو سنڌي اديبن ۾ صرف رام پنجواڻيءَ ۽ هوندراج دکايل کي ئي مليو هو. دهلي هندي اڪيڊميءَ پاران ”ڪِرتي پرساڪر ايوارڊ“ 1988ع ۾ مليو، ايشور ڀائي ٻختائي لائيف اچيومينٽ ايوارڊ 2002ع ۾ مليو. ”اکل ڀارت، سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا“ پاران ادبي ايوارڊ 2003ع ۾ مليو. گوبند مالهي ڪلچرل اڪيڊمي ممبئيءَ پاران لٽرري ايوارڊ 2004ع ۾ مليو. لطيف شناسيءَ تي سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي پاران: ”شاهه لطيف ايڪسيلينسي“ ايوارڊ 2006ع ۾ مليو. گڏوگڏ ثقافت کاتي پاران کيس ”شاهه جي رسالي“ جو هنديءَ ۾ ترجمي جو ڪم به سونپيو ويو هو.

ڊاڪٽر جوتواڻي هڪ نئين سوچ رکندڙ اديب، عالم ۽ اسڪالر آهي، سندس لکڻين مان ئي سندس نئين سوچ جي ڄاڻ پوي ٿي. هو چوي ٿو ته: ”عورت جي آزادي تيستائين بي معنيٰ آهي جيستائين اها هڪ طرفي آهي. زال کي پاڻ ۾ مرد کي ۽ مرد کي پاڻ ۾ زال کي حاصل ڪرڻ سان ئي صحيح نموني ڪم هلندو.“ هن انهيءَ نقطي کي ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي. هو ڪهاڻين ۾ اڄ ڪلهه جي عورت کي جذباتڻ گهٽ پر دماغي وڌيڪ ڏيکاري ٿو ۽ هوءَ مرد وانگر حق گهري سگهي ٿي. هو پنهنجي نئين ڪهاڻيءَ ۾ اڄوڪي زندگيءَ جي ترجماني ڪندي پراڻي عورت کي نئين عورت جي صورت ۾ پيش ڪري ٿو.

ڊاڪٽر صاحب سنڌيءَ ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکي مجموعا ڇپرايا. ان کان سواءِ هن انگريزي ٻوليءَ ۾ به ڪهاڻيون لکيون. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون هندي ٻوليءَ ۾ ترجمو به ڪيون آهن. سندس انهن لکيل ڪهاڻين جا موضوع سماج مان ئي چونڊيل هئا. هو هڪ سادو سودو انسان نظرايندو هو پر تمام گهڻو ذهين هو، سندس علم ۽ ڄاڻ ۽ سندس مشاهدو تمام گهڻو هو. هن پنهنجي سماج ۾ غربت ۽ مفلسي ڏٺي آهي، انهيءَ ڪري غربت ۽ مفلسي، محنت ۽ جفاڪشي، گڏيل ڪٽنب جا مسئلا ۽ عورتن جا مسئلا، سندن فرض ۽ ذميواريون، عورت جي عزت، شرافت، قرباني ۽ پيار

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪي موضوع طور پيش ڪيو آهي. هن وئشيائن جي مسئلن ڪي نهايت ئي سهڻي طريقي لکڻ چاهيو ٿي پر هڪ ته وڏي عمر جي ڪري، ٻيو ته ڪيس بيماريءَ ڪمزور ڪري ڇڏيو هو ۽ ٽيون ته موت هن ڪيِ اِها مهلت ئي ڪونه ڏني، جو هو هر ڪم مڪمل ڪري سگهي. پاڻ پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته: ”يادگيرين جي معاملي ۾ انسان ڪروڙ پتي هوندو آهي، ليڪن انهن ڪي قلم بند ڪرڻ جي معاملي ۾ ڪنگال، يادگيري جي ڪتاب مان لڳ ڀڳ هر چيز رهجي ويندي آهي، بچندا آهن صرف ڪي ٽڪرا ۽ ڪو هڪ سپنو“.(جوتواڻي، ڊاڪٽر، 1994ع، 13)

سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”ڪوٺ“ ، جنهن ۾ هڪ ننڍو ناول ۽ ست ڪهاڻيون لکيل آهن. انهيءَ ۾ سندس لکيل ”حق“ ڪهاڻيءَ ۾، هن عورتن جي حقن بابت لکيو آهي، جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي ته ”عورت ڪان ملڪيت جي وارث هجڻ جو حق کسيو وڃي ٿو. پوءِ چاهي اها مائٽن جي ملڪيت هجي يا ساهرن جي. اسان جي سماج ۾ نياڻين ڪي ننڍي هوندي ڪان ئي وڏن جي عزت احترام ڪرڻ جو سبق سيکاريو ويندو آهي، جنهن ۾ ماءُ پيءُ ۽ سس، سهرو ۽ مڙس وغيره شامل هوندا آهن. انهيءَ ڪري سنڌي ڇوڪريون اهڙو ڪوبه ڪم نه ڪنديون آهن جنهن سان مائٽن ۽ ساهرن جي عزت ڪي ٽِڪو لڳي. سندس ٻي ڪهاڻي، ”اڪيلي اڪيلي هوءُ“ به هڪ بهترين ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ اڪيلي عورت ڪي زندگي گذارڻ لاءِ هن سماج ۾ جيڪي مسئلا درپيش اچن ٿا، انهن ڪي بيان ڪيو آهي، ته هڪ پڙهيل لکيل، سمجهو ۽ سليقي شعار عورت مڙس جي مري وڃڻ ڪان پوءِ پنهنجي گذر بسر ڪيئن سهڻي طريقي سان ڪري ٿي، هن ڪي اولاد به ڪونهي ۽ هوءَ پنهنجن مائٽن ۽ ساهورن تي بوجهه بڻجڻ چاهي ۽ پنهنجي زندگي عزت ۽ شرافت سان بسر ڪري ٿي.

سندس ٻيو ڪهاڻين جو مجموعو ”نئين سري ڪان“ لکيل آهي، جنهن ۾ سندس ڪهاڻيون، ”نئين سري ڪان“ علاوه ”هڪ اونچائيءَ تان هيٺ ڏسندي“ ، ”بقايه“ ”پريم جي پريرڻا“ ، ”موت، گهر ۽ موت“ ، ”ازلي ڪوٺ“ ۽ ”ان جي باوجود“ ۽ ”هوءَ هڪ شخص بڻجي پئي“ ، لکيل آهن. هن مجموعي ۾ زندگيءَ جي مختلف ضرورتن، خواهشن، مجبورين ۽ ڪمزورين ڪي نهايت ئي سهڻي طريقي سان مختلف ڪهاڻين ۾ بيان ڪيو آهي. سندس ڪهاڻي ”نئين سري ڪان“ ۾ سريڪا سريش سان پيار ڪري ٿو پر هو شادي ٻي عورت سان ڪري ٿو يا ”بقايه“ ڪهاڻيءَ ۾ عورت ۽ مرد ڪي برابر جي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آزاديءَ جو حق حاصل هجڻ گهرجي واري موضوع کي پيش ڪري ٿو. سندس ٽئين ڪهاڻي جي مجموعي، "سجاڳ جو سنڪٽ" ۾ "ترپتي"، "ڏي وٺ"، "ڪپڙا استري ڪرڻ واري سيل"، "دهشت"، "چار ڄڻا: وقت ۽ ٽي دوست" ۽ "سجاڳ جو سنڪٽ" ڪهاڻيون شامل آهن. سندس چوٿون مجموعو "پرمپراهيڻ" آهي. ان ڪانپوءِ "ڪجھ آپ بيتي، ڪجھ جڳ بيتي" مجموعو شايع ٿيل آهي.

ڊاڪٽر جوتواڻي ڪيترائي ناول به لکيا آهن، سندس هڪ ڪتاب جنهن ۾ "ٽي ننڍا ناول" آهن اهي "رشتا ناتا"، "پيلي بتيءَ تي" ۽ "ڪوٺ" شايع ڪيل آهن. هنن ٽنهي ننڍن ناولن ۾ هڪ قسم جو پاڻ ۾ اندريون لاڳاپو آهي، انڪري هي سنڌي جي پهرين ٽرائلاجي آهي. ليکڪ پاڻ هنن ننڍن ناولن بابت لکي ٿو ته: "سنڌيءَ ۾ هن کان اڳ جدا جدا ننڍن ناولن جا ڪجھ مجموعا ظاهر ٿيا آهن پر موجوده مجموعي جي ٽن ننڍن ناولن ۾ هڪ قسم جو پاڻ ۾ اندريون لاڳاپو آهي. ان ڪري هي ڪتاب سنڌيءَ جي پهرين ٽرائلاجي آهي. هو انهن ناولن بابت اڳتي لکي ٿو ته: "انهن ٽن ننڍن ناولن ۾ موهن لال، منوهر لال ۽ مدن لال اهي ٽئي ننڍا ناول جدا هوندي به هڪ ئي ڪٿا ياترا جا ٽي پڙاو آهن، جن ۾ انساني جيون جون ٽي حالتون انساني رشتن ناتن جي حوالي ۾ نمايان آهن." ص: 11

هن ناولن ۾ هڪ ڪال گرل جيڪا پيءُ جي مرڻ ڪانپوءِ ماءُ ۽ ننڍي ڀاءُ جي ضرورتن جي پورائي لاءِ اهو ڌنڌو اختيار ڪري ٿي. ان کان علاوه "اهي رشتا ناتا" ۾ آگري جي هڪ وئشيا بازار ۽ اتي جو ماحول پيش ڪيل آهي ۽ "ڪوٺ" ناول ۾ نيويارڪ جي گراسگرش ۽ ڪنڪارڊ هوٽلن جو ذڪر ڪيل آهي، جيڪي عورتن ۽ مردن جا اڏا آهن.

سندس ٻئي ڪهاڻي لالٽين، ٽيوب لائيٽ ۾ ٻن دوستن گوپال ۽ موتيءَ جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي، جيڪي سنڌ ۾ رهندا هئا ۽ پوءِ ڀارت ۾ شرنار ڪئمپ ۾ گڏ رهندا هئا ۽ روڊ جي هڪ اسڪول ۾ سنڌي پڙهندا هئا. ٻنهي غربت جي ڪري لالٽين جي روشنيءَ تي سڄي رات پڙهندي ايم اي پاس ڪئي. هڪ ڪاليج ۾ ليڪچرر ٿيو ۽ ٻيو پنهنجي مامي سان بزنس ڪرڻ لڳو، جنهن ۾ هن خوب دولت ڪمائي. هو شاهوڪارن جي بستي ۾ رهندو هو ۽ هن کي بزنس جي مصروفيتن جنهن ۾ هو اڪثر U.S.A. آمريڪا جا چڪر هڻندو هو، شراب جي نشي ۾ ڏت هڻڻ ڪري، پنهنجي ٻارن کي وقت نه ڏئي سگهندو هو، پر موتي کي پروفيسر جي حيثيت ۾ گهڻا ماڻهو سڃاڻندا به هئا ۽ هو مختلف ڪانفرنسن وغيره ۾ شرڪت ڪري اتي بهترين پيپر پڙهندو هو پر

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هن کي هميشه گوپال جي زندگيءَ تي رشڪ ٿيندو هو ۽ ڪيس سندس زندگيءَ تي ڏک ٿيندو هو پر جڏهن هن روبرو گوپال جي حالت ڏٺي ته هن کي تسڪين ٿي هئي ۽ ڪيس پنهنجي زندگي گهڻي بهتر لڳي. ڊاڪٽر صاحب انهيءَ موضوع کي پنهنجن ناولن ۾ خاص طور تي بيان ڪيو آهي ته انسان کي هر حال ۾ الله جو شڪر ادا ڪرڻ ڪپي. ٻين جا محل ڏسي پنهجي پونگي ڊاهڻ نه ڪپي.

ان ڪان علاوه ڊاڪٽر صاحب جا ڪيترائي حقيقي ۽ تنقيدي ڪتاب، سفرنامه، آتم ڪٿا وغيره لکيل آهن. سندس لکڻين جي خاص خوبي اها آهي ته پاڻ هر باب ڪان پهرين شاعريءَ ذريعي موضوع کي پيش ڪري ٿو. ڊاڪٽر صاحب 1994ع ۾ پنهنجو ڪتاب "آتم ڪٿا جي نالي ۾" لکيو، جنهن ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن ۽ يادگيرين کي مختلف عنوان ڏيئي بيان ڪيو آهي. مثال طور "منهنجي زندگي ڪتاب جي مستطيل ۾" هن زندگيءَ جي وسيع هجڻ بابت لکيو آهي ته اها هڪ ڪتاب ۾لکي مڪمل نٿي ڪري سگهجي. پاڻ انهيءَ جي وضاحت ڪندي هيئن لکي ٿو:

"زندگي وسيع آهي. اها دائري اندر، الائجي گهڻا نندا نندا دائرا آهن... ۽ اها ايتري وسيع آهي، جو پنهنجي سموري روپ ۾ هن مهل تائين شايع ٿيل مڙني ڪتابن ۾ نه اچي سگهي آهي. اجا ڪتاب نڪرندا رهندا. وسيع زندگيءَ ۾ ڪنهن هڪ شخص جي محدود زندگي پڻ پنهنجي ليکي گهڻ وسيع نٿي هجي. اهو شخص پنهنجيون يادگيريون درج ڪري ٿو ته هو پنهنجو سمورو ڪُجِ نٿو اوتي ڏيئي سگهي. اهي يادگيريون هڪ ڪتاب جي مستطيل ۾ رهجي وڃن ٿيون. (جوتواڻي، ڊاڪٽر، 1994ع، 60)

اهڙيءَ ريت باب ٻئي ۾، "جيون ۽ ساهتيه جا يٿارت" عنوان ۾ ادب، زندگيءَ جو عڪس ۽ حقيقت آهي، لکيو آهي. ائين ئي "ورهاڱي جا راڱا" باب ۾ ورهاڱي جي دردناڪ ۽ ڏکوئيندڙ منظر کي پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ هو ڄاڻائي ٿو ته: "اهو ورهاڱو تنگ مذهب جي آڌار تي ٿيو. هو لکي ٿو ته:

جڏهن مهاتما گانڌي هندستان جي سڀني رهواسين کي، سڀني ڌرمن ۽مذهبن کي هڪ سمان سمجهڻ جي سکيا ڏيئي رهيو هو تڏهن هن ملڪ جو ورهاڱو تنگ مذهب جي آڌار تي ٿيو. اسان سنڌين جي پونءِ، صوفي سنتن جي واٽيءَ ڪري جڳان جڳ مشهو رهئي. ليڪن اها پونءَ ئي ان ورهاڱي جو وڏو بک بڻي. پنجاب ۽ بنگال جا حصا ورهاڱي ڪان پوءِ ٻنهي ملڪن ۾ رهيا پر سنڌ سموري هڪ ئي ملڪ پاڪستان جو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

حصو بڻي، لڪين ماڻهو پنهنجي وطن ڪي ڇڏي، سنڌ مان لڏي ڀارت ۾ آيا. هڪ ئي اڳڻ ۾ رهندڙ ڀائرن مان ڪو ڪيڏانهن ويو تہ ڪو ڪيڏانهن. سڀ پنهنجي ناٽي تڪاٽي جي ڳولها ۾ مبتلا هئا. (جوتواڻي، ڊاڪٽر، 1994ع، 60)

جوتواڻي هن ڪتاب ۾ پنهنجن دوستن، يارن، مٽن مائٽن ۽ احبابن کان علاوه پنهنجي ادبي زندگيءَ ۽ پنهنجين لکڻين ۽ موضوع بابت بہ لکيو. هو لکي ٿو تہ:

”مون اڪاديمڪ ڪاريہ جي تحت سنڌي، هندي، انگريزيءَ ۾ انيڪ تحقيقي مقالا لکيا آهن، جي ديش ديش ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. اهي مقالا بہ تخليقي آهن، تخليقي ادب ۾ ٽيهہ کن ڪهاڻيون، ڏهہ ٻارهن مِني ڪهاڻيون، ٽي ننڍا ناول ۽ هڪ سو کان مٿي ڪويتائون لکيون اٿم.“

منهنجي پهرين ڪهاڻي سنڌيءَ ۾ نہ ليڪن هنديءَ ۾، ”مُڪتي“ عنوان سان 1953ع ۾ دهلي مان نڪرندڙ اخبار ”ويرارجن“ ۾ شآيع ٿي هئي. سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل پهرين ڪهاڻي ”چار ڄڻا، وقت ۽ ٽي دوست“ آهي جا پرم ابيچنداڻيءَ جي سمپادي هيٺ نڪرندڙ مخزن ”رابيل“ ۾ جولاءِ 1965ع واري انڪ ۾ شايع ٿي.

ڊاڪٽر جوتواڻي حالانڪ هن ڪتاب ۾ پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترائي مختلف پهلو سچي ۽ حقيقي انداز ۾ پيش ڪيا آهن، پر تڏهن بہ هو لکي ٿو تہ: ”دراصل ڪنهن بہ آتم ڪٿا ۾ ”آتم ڪٿا جي نالي“ ۾ ڪيل ڪنهن بہ رچنا ۾ آتم ڪٿا لکندڙ جي زندگيءَ جو سمورو سچ نٿو ٿي سگهي. ساهتيہ جي ان شاخ جي اها محدودگي آهي تہ ان ۾ اُن جو سمورو سچ، يو ڳيل زندگيءَ جون سيئي قبيح حقيقتون ان ۾ درج ٿي نٿيون سگهن. اوڏانهن ڪي اشارا ٿي سگهن ٿا.“ (جوتواڻي، ڊاڪٽر، 1994ع، 52)

سندس هي ڪتاب هڪ بهترين ڪتاب آهي، هن ڪتاب ۾ هو هڪ جديد رجحان، وجوديت جي نظريي جي تائيد ڪري ٿو.

هو هڪ نئين سوچ رکندڙ اديب آهي. پر هو نهايت ئي نهٺو ۽ نماڻو، هٺ ۽ غرور کان پچندڙ شخصيت جو مالڪ آهي، پاڻ چوي ٿو تہ: ”مان سدائين ويهہ جي پيٽ ۾ اوٽويهہ رهيو آهيان، تہ مان اوٽيهہ رهجي وڃڻ تي غم نہ ڪريان ڇاڪاڻ تہ مان هڪ ئي انگي سرشتي جو انگ آهيان.“ ص: (199)

هو اڳتي لکي ٿو تہ: ”مان آهيان انڪري سوچيان ٿو؟ يا مان سوچيان ٿو، ان ڪري مان آهيان، اهي پراڻا سوال آهن. حقيقت ۾ هجڻ سان/۾ ”سوچڻ“ آهي ئي آهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انهن ٻنهي کي هڪ ٻئي کان جدا نٿو ڪري سگهجي.“(جوتواڻي، ڊاڪٽر 1994ع، 199)

هو اڳتي لکي ٿو تہ: ”بس مان آهيان، اهو ”مان“ مان ماڻيان ٿو. جڏهن مان چوان ٿو تہ مان هڪ وجود ئي ماڻيان ٿو ان وقت مان قدرت جون سڀ شيون ۽ حالتون، سندن ميڙن ۽ ڦيرن ۾ هجان ٿو. مان مرد، عورت، پسون، پکي، ڪيڙا ماڪوڙا، وڻ ٽڻ، گل ڦل، نديون، پهاڙ وغيره جو وجود ماڻيان ٿو.“200

ڊاڪٽر صاحب جي هن بهترين ڪتاب بابت آنند هنگوراڻي پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ: ”هن ڪتاب پڙهڻ بعد ئي ڊاڪٽر جي شخصيت جي گهڻي قدر حقيقي ڄاڻ پئي ۽ خوشي ٿي آهي تہ سنڌ انهيءَ ڊاڪٽر جهڙو هڪ اعليٰ درجي جو ودوان ۽ شاعرانہ طبيعت جو ساهتڪار پيدا ڪيو آهي.“ ص: آخر 10.

حاصل مطلب تہ ڊاڪٽر صاحب هڪ عالم، اديب، شاعر، ناول نگار، افسانہ نگار، مضمون نويس، آتم ڪٿا لکندڙ، سفرنامہ لکندڙ ۽ شاهہ لطيف، سچل سائينءَ، ساميءَ ۽ ٻين صوفي شاعرن تي تحقيق ڪندڙ هڪ وڏو اسڪالر ليکيو وڃي ٿو. سندن نالو سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ هند توڙي سنڌ ۾ هميشہ هميشہ قائم رهندو. اهڙا اُملهہ موتي مرندانہ آهن پر سدائين زندهہ جاودان هوند اآهن. ڊاڪٽر صاحب اڄ بہ اسان سنڌين جي دل ۾ ۽ ذهن ۾ موجود آهي ۽ هميشہ اسان سان گڏ هوندو.

## حوالا

1. ڊاڪٽر پريم پرڪاش، سنڌي ناٽڪ جي اوسر، انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پارت، 1995ع
2. جوتواڻي، موتي لال، ڊاڪٽر ”آتم ڪٿا جي نالي ۾“، سپرڪ پرڪاش نئين 1994ع، ص: 17.
3. ايضاَ ص: 130
4. ايضاً ص: 13
5. ايضاَ، ٿي ننڍا ناول: سپرڪ پرڪاش نئين دهلي، ص: 11، 2006ع.
6. حوالو 2 ص: 13
7. ايضاً ص: 60
8. ايضاً ص: 199
9. ايضاً، ص: 52
10. ايضاً ص: 199
11. ايضاً ص: 200
12. ايضاً آخري صفحو.